روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 08 جنوري 2023ع بمطابق 14 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 226

نيوٽرلز پنجاب ۾ پ پ کي آڻڻ جي ڪوشش ڪن پيا: عمران خان

هن وقت اسٽيبلشمينٽ پوليٽيڪل انجنيئرنگ ڪري رهي آهي، نيوٽرلز پنجاب ۾ پيپلزپارٽي کي آڻڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن

اعتماد جي ووٽ ۾ اسٽيبلشمينٽ اسان کي نيوٽرل نظر نه پئي اچي، هن وقت تائين ٽن ميمبرز ٻڌايو آهي ته ساڻن رابطو ڪيو پيو وڃي: اڳوڻو وزيراعظم

پرويزالاهي اسان کي موقف تان هٽڻ جو نه ٿو چئي سگهي، اسان جي ويڙهه اسٽيبلشمينٽ سان نه پر انصاف لاءِ آهي: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ

چورن سان کي به ڳالهيون نه ٿينديون، اقتدار ۾ آياسين ته فوري طور مڪاني چونڊون ڪرائينداسين، جنرل باجوه ڪرپشن کي خراب نه سمجهندو هو

لوٽن جي ايڪسپائيري تاريخ ختم ٿي چڪي آهي، باپ پارٽي کي پ پ ۾ شامل ڪيو پيو وڃي، شهباز شريف کي جينيئس سمجهندو هئس هاڻي ڏسو ڪهڙو حال ٿيو اٿس

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان چيو آهي ته هن وقت اسٽيبلشمينٽ پوليٽيڪل انجنيئرنگ ڪري رهي آهي، نيوٽرلز پنجاب ۾ پيپلزپارٽي کي آڻڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن، اعتماد جي ووٽ ۾ اسٽيبلشمينٽ اسان کي نيوٽرل نظر نه پئي اچي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان لاهور ۾ ڪورٽ رپورٽرز سان ملاقات دوران چيو ته هن وقت تائين ٽن ميمبرز ٻڌايو آهي ته ساڻن رابطو ڪيو پيو وڃي، پرويز الاهي اسان کي موقف تان هٽڻ جو نه ٿو چئي سگهي، اسان جي ويڙهه اسٽيبلشمينٽ سان نه پر انصاف لاءِ آهي هن چيو ته چورن سان کي به ڳالهيون نه ٿينديون، اقتدار ۾ آياسين ته فوري طور مڪاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڊيفالٽ کان بچڻ لاءِ حڪومتي اثاثن کي جلد وڪرو ڪرڻ جو فيصلو

امڪاني ڊيفالٽ کان بچڻ لاءِ 2 پاور پلانٽس قطر جي حڪومت کي وڪرو ڪيا ويندا، اهي پلانٽ 4 سال اڳ حڪومت جي نجڪاري فهرست ۾ شامل هئا

حڪومت کي اميد هئي ته ان کي وڪرو ڪرڻ سان 1 ارب 50 ڪروڙ ڊالر ملندا، هاڻ موجوده حڪومت ان جي نجڪاري بجاءِ قطر کي وڪرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

ان کان 2 ڏينهن اڳ حڪومت طرفان ڪابينه جي هڪ نئين ڪميٽي جوڙي وئي هئي جنهن جو مقصد حڪومتي اثاثن کي تيزي سان وڪرو ڪرڻ واري عمل جو جائزو وٺڻ هو

ان سلسلي ۾ نجڪاري ڪميشن جو اجلاس گهرايو ويو هو جنهن ۾ ان ٻنهي پلانٽس کي نجڪاري جي فهرست مان ڪڍڻ جو چيو ويو

نجڪاري جي وزير عابد حسين ڀيو جيڪو نجڪاري ڪميشن بورڊ جو چيئرمين به آهي ان هن اجلاس جي صدارت وڊيو لنڪ ذريعي ڪئي هئي

نجڪاري ڪميشن بورڊ جي اجلاس کان پوءِ عام طور تي پريس پڌرائي جاري ڪئي ويندي آهي، ڪا به پڌرائي جاري نه ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي سرڪار ڊيفالٽ جي خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومتي اثاثن کي تيزي سان وڪرو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي، وفاقي حڪومت جمعي جي ڏينهن فيصلو ڪيو آهي ته امڪاني ڊيفالٽ کان بچڻ لاءِ 2 پاور پلانٽس قطر جي حڪومت کي وڪرو ڪيا ويندا، اهي پلانٽ 4 سال اڳ حڪومت جي نجڪاري فهرست ۾ شامل هئا ۽ حڪومت کي اميد هئي ته ان کي وڪرو ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لاهور: ريلوي وارو وفاقي وزير خواجه سعد رفيق پريس ڪانفرنس ڪندي

ملير جيل مان 136 افغاني آزاد: چمن بارڊر ذريعي واپس موڪليا ويندا

مختلف ڏوهن ۾ ملوث 136 افغاني شهرين کي ملير جي ڊسٽرڪٽ جيل مان آزاد ڪيو ويو

آزاد ڪيل افغان شهرين کي چمن بارڊر تي افغان اختيارين حوالي ڪيو ويندو: ذريعا

ملير (رپورٽر) سنڌ جي مختلف علائقن ۾ غير قانوني طور ترسيل ۽ مختلف ڏوهن ۾ ملوث 136 افغاني شهرين کي ملير جي ڊسٽرڪٽ جيل مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڳجهن ادارن جي ڪارروائي، بندش پيل تنظيم جا 5 دهشتگرد گرفتار، هٿيار هٿ

دهشتگردن جي قبضي مان بارودي مواد، هٿيار ۽ آپگهاتي جيڪٽ ناهڻ وارو سامان هٿ آيو آهي

جوابدارن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي ويندي: سي ٽي ڊي ترجمان

ساهيوال (م ڊ) حساس ادارن ڪارروائي ڪري گوجرانوالا ۽ ساهيوال مان بندش پيل تنظيم جا پنجن دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ترجمان سي ٽي ڊي موجب ساهيوال ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪري پنج دهشتگردن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: پ پ اڳواڻ قمر زمان ڪائرا پريس ڪانفرنس ڪندي

آءِ ايم ايف جا شرط پورا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

آءِ ايم ايف جا شرط پورا ڪرڻ بابت عالمي مالياتي اداري جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي: ميان محمد شهباز شريف

گذريل ڏينهن آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن دوران ڪيس ٻڌ ڪانپوءِ پاڪستان جي اقتصادي ڏکيائن کان آگاهه ڪيم

آءِ ايم ايف وفد جلد پاڪستان ايندو، عالمي مالياتي اداري جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته آءِ ايم ايف پروگرام جا شرط پورا ڪرڻ بابت پرعزم آهيون

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته آءِ ايم ايف جا شرط پورا ڪرڻ بابت عالمي مالياتي اداري جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته گذريل ڏينهن آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن دوران ڪيس ٻڌ ڪانپوءِ پاڪستان جي اقتصادي ڏکيائن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

عمران خان سنڌ جي حوال سان ڏاڍو پريشان رهندو آهي: خرم شيرزمان

اڄ پي ٽي آءِ چيئرمين لاهور سڏايو هو، عمران خان سنڌ جي حوالي سان ڏاڍو پريشان رهندو آهي، پي ٽي آءِ جو ايندڙ ٽارگيٽ سنڌ آهي

ڪي پي ۽ پنجاب جيان سنڌ مان به پ پ جو خاتمو ڪرڻو آهي، صوبي جون حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيون آهن

ڪراچي جو عوام پي ٽي آءِ جو ميئر آڻڻ لاءِ تيار آهي: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر خرم شيرزمان

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر خرم شير زمان چيو آهي ته عمران خان سنڌ جي حوال سان ڏاڍو پريشان رهندو آهي، زمان پارڪ لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم پي اي خرم شير زمان چيو ته اڄ پي ٽي آءِ چيئرمين لاهور سڏايو هو هن چيو ته عمران خان سنڌ جي حوالي سان ڏاڍو پريشان رهندو آهي، پي ٽي آءِ جو ايندڙ ٽارگيٽ سنڌ آهي پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته ڪي پي ۽ پنجاب جيان سنڌ مان به پ پ جو خاتمو ڪرڻو آهي، صوبي جون حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيون آهن. سنڌس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پارڪنگ مامري تان جهيڙي کي مذهبي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش، آصف زرداري جو سخت ردعمل

عورت سيڪيورٽي انچارج کي فرضن جي ادائيگي کان روڪڻ لاءِ توهين مذهب جو الزام شرم جوڳو آهي: آصف زرداري

توهين مذهب جو الزام انتهائي خطرناڪ عمل آهي، عورت سيڪيورٽي آفيسر جي حفاظت لاءِ اپاءَ ورتا وڃن

حڪومت ۽ عوام کي اهڙي سوچ کي ٻنجو ڏيڻو پوندو، الزام غلط ثابت ٿيڻ تي الزام لڳائيندڙ کي سخت سزا ڏني وڃي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ڪراچي هوائي اڏي واري واقعي جو سخت نوٽيس ورتو آهي. پنهنجي بيان ۾ آصف زرداري چيو ته عورت سيڪيورٽي انچارج کي فرضن جي ادائيگي کان روڪڻ لاءِ توهين مذهب جو الزام شرم جوڳو آهي. واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. آصف زرداري وڌيڪ چيو ته توهين مذهب جو الزام انتهائي خطرناڪ عمل آهي. عورت سيڪيورٽي آفيسر جي حفاظت لاءِ اپاءَ ورتا وڃن. ڪجهه ڌريون مذهب جي نالي تي ملڪ کي بدنام ڪرڻ چاهين ٿيون. حڪومت ۽ عوام کي اهڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اَبي جي سرڪار ناهي، پرويزالاهي کي اعتماد جو ووٽ وٺڻو پوندو: ڪائرا

هتي ڪنهن جي پيءُ جي سرڪار ناهي جو اوهان اعتماد جو ووٽ نه وٺندؤ، وزيراعليٰ صاحب اوهان کي اعتماد جو ووٽ وٺڻو پوندو

اِها آئين ۽ قانون جي گهرج آهي، پرويزالاهي چاهي ٿو ته ٻنهي مخالف ڌرين ۾ پنهنجي جاءِ ناهي، پر ائين ممڪن ناهي: پ پ اڳواڻ

عمران خان هن وقت ادارن تي حملا ڪري رهيو آهي، ڪيس چارچڙا لڳا ۽ اچا تائين پنهنجي گهر کان ٻاهر نه پيو نڪري

لاهور (م ڊ) پ پ اڳواڻ قمر زمان ڪائرا پرويز الاهي تي طنز ڪندي چيو آهي ته هتي ڪنهن جي پيءُ جي سرڪار ناهي جو اوهان اعتماد جو ووٽ نه وٺندؤ ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي قمر زمان ڪائرا پنجاب جي وڏي وزير کي مخاطب ڪندي چيو ته وزيراعليٰ صاحب اوهان کي اعتماد جو ووٽ وٺڻو پوندو. اِها آئين ۽ قانون جي گهرج آهي. هن چيو ته پرويزالاهي چاهي ٿو ته ٻنهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

آچر ڏينهن وڏي ريلي ڪڍي ويندي: سعيد غني

جنهن سان ثابت ٿي ويندو ته ڪراچي ۾ ڪهڙي جماعت جي اڪثريت آهي، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ٿينديون

تڪبندين جو معاملو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ به آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي تڪبندين تي اعتراض آهي ته اليڪشن ڪميشن سان رابطو ڪري

جيڪي شيون اسان جي اختيار ۾ ناهن ته ڇا ڪيون، جيڪڏهن ڪير اسان کي تڪبندين جو چئي ته اسان نئا ڪري سگهون: وقار مهدي

ڪراچي (م ڊ) پيپلزپارٽي آچر تي ڀرپور سياسي طاقت جي مظاهري جو اعلان ڪري ڇڏيو. پ پ سينيٽر وقار مهدي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي صوبائي وزير سعيد غني چيو ته آچر ڏينهن وڏي ريلي ڪڍي ويندي، ريلي ۾ پ پ ڪارڪن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

مريم نواز کي چيف آرگنائيزر بنائڻ تي پارٽي جي سينئر اڳواڻن ۾ بيچيني پکڙيل

مقرري سان مريم نواز پارٽي ۾ پنهنجي والد نواز شريف ۽ چاچي شهباز شريف کان پوءِ ٽئين طاقتور شخصيت بڻجي وئي آهي: ذريعا

سپريم ڪورٽ جي فيصلي موجب نوازشريف (ن) ليگ ۾ ڪو به عهدو نٿو رکي سگهي پر هو اڃان تائين پارٽي جو سرپرست اعليٰ آهي

لاهور (م ڊ) مريم نواز کي (ن) ليگ جي سينئر نائب صدر ۽ پارٽي جي چيف آرگنائيزر مقرر ڪرڻ تي پارٽي ۾ سينئر اڳواڻن ۾ ڪافي بيچيني پکڙيل آهي. (ن) ليگ جي ذريعن اهڙي مقرري تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته اهڙي مقرري جي حوالي سان ڪو به صلاح مشورو نه ڪيو ويو ۽ ان مقرري سان مريم نواز پارٽي ۾ پنهنجي والد نواز شريف ۽ چاچي شهباز شريف کان پوءِ ٽئين طاقتور شخصيت بڻجي وئي آهي. (ن) ليگ جا سينئر اڳواڻ ان مقرري سان پريشان آهن. (ن) ليگ جي صدر طرفان جاري ڪيل تازي نوٽيفڪيشن موجب مريم نواز باضابطه طور تي پارٽي ۾ ٽئي سينئر اڳواڻ بڻجي وئي آهي. ٻهرين نمبر تي سندس چاچو ۽ پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عمران خان تي حملو ڪندڙ جوابدار جو فون رڪارڊ هٿ

جوابدار نويد جي فون مان ٻن مختلف ڪمپنين جون سمون هٿ آيون آهن

جوابدر جي فون مان 337 ايس ايم ايس، 1956 تصويرون ۽ 212 وڊيوز مليا آهن

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان تي قاتلاڻو حملو ڪندڙ جوابدار نويد جي موبائيل فون جي فارنزڪ رپورٽ سامهون اچي وئي آهي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

چيف اليڪشن ڪمشنر خلاف توهين عدالت جي درخواست واپس وٺڻ جو فيصلو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف چيف اليڪشن ڪمشنر خلاف توهين عدالت جي درخواست واپس وٺي ڇڏي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ مڪاني چونڊن جي حوالي سان ٻڌڻي ٿي، رجسٽرار آئيني اداري جي سربراهه خلاف توهين عدالت بابت اعتراض اٿاريو هو جنهن کان پوءِ اليڪشن ڪميشن خلاف داخل توهين عدالت جي درخواست تحريڪ انصاف واپس وٺي ڇڏي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پي ڊي ايم وارن جي نيت ۽ سياست ۾ کوٽ آهي: پرويزالاهي

پي ڊي ايم گڏجي به اڪيلي عمران خان جو ڪو مقابلو نٿا ڪري سگهن، پي ڊي ايم وارن جي نيت ۽ سياست ۾ کوٽ آهي

عمران خان قومي مفاد ۾ سمورا فيصلا ڪيا هن چيو ته پي ڊي ايم حڪومت ڪجهه مهينن اندر معيشت تباهه ڪري ڇڏي

پي ڊي ايم حڪومت ملڪ کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي: پنجاب جي وڏي وزير پرويزالاهي جو پريس ڪانفرنس کي خطاب

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وڏي وزير پرويزالاهي چيو آهي ته پي ڊي ايم وارن جي نيت ۽ سياست ۾ کوٽ آهي. هو گڏجي به اڪيلي عمران خان جو ڪو مقابلو نٿا ڪري سگهن لاهور ۾ اڳوڻي اسپيڪر افضل ساهي ۽ وڪيل فيصل چوڌري سان ملاقات دوران پرويزالاهي چيو ته عمران خان قومي مفاد ۾ سمورا فيصلا ڪيا هن چيو ته پي ڊي ايم حڪومت ڪجهه مهينن اندر معيشت تباهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اماراتي بئنڪن جو قرض واپس، پرڏيهي مٽا سٽا جا ذخيرا 4.5 ارب ڊالر تي ويا

پاڪستان جا پرڏيهي مٽا سٽا جا ذخيرا 1.2 ارب ڊالر جي وڌيڪ گهٽتائي کانپوءِ 4.5 ارب ڊالر تي ويا

امارات بئنڪ جو 600 ملين ڊالر ۽ دبئي اسلامڪ کي 420 ملين ڊالر جو قرض واپس ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان يو اي اي جي بئنڪن جا قرض واپس ڪري ڇڏيا، جنهن ڪانپوءِ پرڏيهي مٽاسٽا جا ذخيرا وڌيڪ گهٽجي ويا. ناڻي واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

عمران خان پنجاب جي صوبائي وزيرن کي اهم ٽاسڪ ڏئي ڇڏيا

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان صوبائي وزيرن کي پنجاب اسيمبلي ۾ اعتماد جو ووٽ ۽ ايندڙ چونڊن جي تيارين جي هدايت ڪئي آهي. لاهور ۾ عمران خان جي جي صدارت هيٺ صوبائي وزيرن جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ هن پنجاب اسيمبلي ۾ اعتماد جي ووٽ ۽ ايندڙ عام چونڊن جي تيارين لاءِ صوبائي وزيرن کي متحرڪ رهڻ جي هدايت ڪئي. عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: پنجاب جو وڏو وزير پرويزالاهي پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪالهه منهنجو دوست لاهور مان کنيو ويو: مونس الاهي

ايف آءِ اي وارا قسم کڻي رهيا آهن ته هُنن ڪو به ماڻهو ناهي کنيو: پنجاب جي وڏي وزير جو پٽ

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ڪيس ايف آءِ اي پهچايو ويندو ته ڪيس بيان ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي جي پٽ مونس الاهي چيو آهي ته ڪالهه منهنجي هڪ دوست کي ڪجهه ماڻهو لاهور مان ٻن گاڏين ۾ کڻي کڻي ويا آهن مونس الاهي سماجي رابطن واري ويب سائيٽ تي بيان جاري ڪيو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

نيب جو پي ٽي آءِ اڳواڻ زلفي بخاري کي طلبي جو هڪ ٻيو نوٽيس

نيب راولپنڊي پي ٽي آءِ اڳواڻ زلفي بخاري کي هڪ ٻيو نوٽيس جاري ڪندي 9 جنوري تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

بطور هڪ گواهه نيب مون کي طلب ڪري رهي آهي اها انتقامي ڪارروائي آهي مان ڪنهن به صورت ۾ پوئتي نه هٽندس: زلفي بخاري

يونيورسٽي جيڪا اسلامي تعليمات جي لاءِ ڪردار ادا ڪري رهي آهي ان تي مون کي ڏوهاري بنائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (م ڊ) قومي احتساب بيورو (نيب) القادر يونيورسٽي ايراضي ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ زلفي بخاري کي دستاويزن سان گڏ طلب ڪري ورتو آهي. نيب راولپنڊي پي ٽي آءِ اڳواڻ زلفي بخاري کي هڪ ٻيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اٽي جو اگهه 160 رپيا في ڪلو ٿي ويو، مرغي جا اگهه به بي قابو

اٽي جي قيمت ۾ 10 رپيا في ڪلو واڌ ڪئي وئي آهي، جنهن ڪانپوءِ اٽي جو اگهه 160 رپيا في ڪلو ٿي ويو آهي

فلور مل مالڪن 2 مهينن ۾ مسلسل 8 هين ڀيرو اگهه وڌائي ڇڏيو آهي، فائن اٽي جي 40 ڪلو ٿلهي جو اگهه 12 هزار 600 رپيا ٿي ويو

15 ڪلو اٽي جو ڪمرشل ٿيلهو 2150 رپين ۾ وڪرو ڪيو پيو وڃي، ڪڪڙ جي گوشت ۽ آنڊن جي قيمتن ۾ به اضافو ڪيو ويو آهي

لاهور (م ڊ) لاهور ۾ اٽي جي اگهن ۾ ٻن مهينن ۾ مسلسل اٺون ڀيرو اضافو ڪيو ويو آهي. اٽو 10 رپيا مهانگو ٿي ويو آهي. مل مالڪن ايسوسيئيشن پاران جاري ڪيل نئين ريٽ لسٽ موجب اٽي جي قيمت ۾ 10 رپيا في ڪلو واڌ ڪئي وئي آهي، جنهن ڪانپوءِ اٽي جو اگهه 160 رپيا في ڪلو ٿي ويو آهي. مارڪيٽ ذريعن موجب فلور مل مالڪن 2 مهينن ۾ مسلسل 8 هين ڀيرو اگهه وڌائي ڇڏيو آهي. فائن اٽي جي 40 ڪلو ٿلهي جو اگهه 12 هزار 600 رپيا ٿي ويو آهي جڏهن ته 15 ڪلو اٽي جو ڪمرشل ٿيلهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لاهور: پنجاب جو وڏو وزير چوڌري پرويز الاهي جي پٽ مونس الاهي پريس ڪانفرنس ڪندي

پٽ شاهه: آئل ٽينڪر کي خوفناڪ باهه، پيٽرول پمپ به زد ۾ اچي ويو: ڊرائيور زخمي

آئل ٽينڪر کي لڳل باهه ٻن آئل ٽينڪرز ۽ پيٽرول پمپ کي به پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي باهه لڳڻ سبب پمپ جو ڪجهه حصو سڙي ويو

باهه سبب آئل ٽينڪر جو ڊرائيور سجاد دراني بهه سڙي زخمي ٿي پيو آهي، جنهن کي ڳنڀير حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

ٻڌايو وڃي ٿو ته آئل ٽينڪر مان پمپ جو عملو تيل لاهي رهيو هو ته اوچتو باهه ورڪڙي وئي فائر برگيڊ عملو باهه وسائڻ ۾ رڌل آهي

پٽ شاهه (رپورٽر) پٽ شاهه ويجهو قومي شاهراهه تي آئل ٽينڪر کي لڳل باهه ٻن آئل ٽينڪرز ۽ پيٽرول پمپ کي به پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي باهه لڳڻ سبب پمپ جو ڪجهه حصو سڙي ويو. باهه سبب آئل ٽينڪر جو ڊرائيور

ميرپور خاص ۾ سستي اٽي جي ڳولا ۾ ڇهن ٻارن جو پيءُ زندگي جي جنگ هارائي ويٺو

ميرپور خاص (م ڊ) ميرپورخاص ۾ سستو اٽو وٺڻ دوران پيهه ۾ ڪري ساهه پوساتجڻ سبب ٻورهيت حياتي جي جنگ هارائي ويٺو پورهيت جي موت وارو واقعو ميرپور خاص جي گلستان بلديا لان واري علائقي ۾ ڪمشنر آف جي آڏو پيش آيو آهي. اکين ڏٺن شاهدن موجب پورهيت سستو اٽو وٺڻ دوران پيهه ۾ ڪري پيو ۽ شهرين جي پيرن هيٺان اچڻ ۽ ساهه پوساتجڻ سبب تڏي تي /بقايا پڙهوصفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: ايڊمنسٽريٽر ڊاڪٽر سيد سيف الرحمان محمدي بلڊ بينڪ ۾ مريضن جي عيادت ڪندي

سنڌ سرڪار ڊرامو ڪري رهي آهي، سستي اٽو ڪٿي به موجود ناهي: حليم عادل شيخ

سنڌ سرڪار جو سستو اٽو ڪٿي به موجود نه آهي، سنڌ حڪومت سستي اٽي جو ڊرامو ڪري رهي آهي، پر سستو اٽو ڪٿي به موجود ناهي

ميرپور خاص ۾ هڪ پورهيت سستو اٽو حاصل ڪرڻ لاءِ حياتي جي جنگ هارائي ويو، جنهن جي موت جي ذميوار سنڌ سرڪار آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر اڳواڻ حليم عادل شيخ چيو آهي ته سنڌ سرڪار جو سستو اٽو ڪٿي به موجود نه آهي. هڪ وڊيو بيان ۾ حليم عادل شيخ چيو ته سنڌ حڪومت سستي اٽي جو ڊرامو ڪري رهي آهي. پر سستو

آءِ ايم ايف سربراهه جو رابطو، وزيراعظم عوام کي وڏو آسرو ڏئي ڇڏيو

شهباز شريف، ڪرسٽالينا جارجيوا جا ٿورا مڃيندي کيس جنيوا ۾ موسمياتي ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني

کيس آءِ ايم ايف سربراهه فون ڪئي، واضح ڪري ڇڏيو ته هاڻ اسان پنهنجي عوام تي وڌيڪ بار نٿا رکي سگهون

اسلام آباد (م ڊ) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) ڏکئي وقت ۾ پاڪستان جي مدد جي عزم جو اظهار ڪيو آهي. آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر /بقايا پڙهوصفحو 2 نمبر 26

سنڌ، پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ ڪوهيڙو، ٽريفڪ متاثر

ڪراچي (م ڊ) سنڌ، پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي مختلف علائقن ۾ سخت ڪوهيڙو برقرار آهي ۽ سرحدي علائقا متاثر آهن. موٽر وي اختيارين موجب لاهور کان اسلام آباد موٽر وي ايم 2 لاهور کان ڪوٽ سرور، پنڊي ڀٽيان کان فيصل آباد موٽر وي ايم 3، درخاني کان جاتوالا ۽ سکر ملتان موٽر وي ايم 5 شير شاهه کان ظاهر پير تائين بند آهن. فيصل آباد_ملتان موٽر وي ايم 4 کي مڪمل طور بند ڪيو ويو آهي. ڪوهيڙي سبب قومي شاهراهه تي ٽريفڪ رواني ۾ متاثر آهي. موٽر وي پوليس شهرين کي غير ضروري سفر نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

ڪراچي: پريس ڪلب ٻاهران قوم پرست جماعتن جا اڳواڻ احتجاج ڪندي

ملڪي مٽاسٽا ناڻي جا ذخيرا گهٽ ترين سطح تي پهچي ويا

نتيجي ۾ ذخيرا اٺ سال نوَ مهينن جي گهٽ ترين سطح تي اچي ويا آهن

پاڪستان گڏيل عرب رياستن جي بئنڪن جا قرض واپس ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي قرضن جي ادائيگي سان مٽاسٽا ناڻي جي ذخيرن ۾ لاٿ جو سلسلو جاري آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ذخيرا اٺ سال نوَ مهينن /بقايا پڙهوصفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: گهر کي باهه لڳڻ سبب 3 ٻارڙا سڙي فوت

باهه جو واقعو ڪٽي پهاڙي اسلاميه ڪالوني ۾ پيش آيو، جنهن جي نتيجي ۾ 3 ٻارڙا سڙي زخمي ٿي پيا

زخمي ٻارڙن کي سول برنس وارڊ منتقل ڪيو ويو پر اسپتال منتقل ڪرڻ دوران هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويا

ڪامران خان ٽيسوري باهه ۾ 3 ٻارڙن جي فوت ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪندي ڪمشنر ڪراچي کان رپورٽ طلب ڪري ورتي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي علائقي منگهوپير ۾ هڪ جهوپڙي کي باهه لڳڻ سبب 3 ٻارڙا سڙي فوت ٿي ويا. ريسڪيو ذريعن موجب باهه جو واقعو ڪٽي پهاڙي اسلاميه ڪالوني ۾ پيش آيو. جنهن جي نتيجي ۾ 3 ٻارڙا سڙي زخمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي ۾ سنڌ ايڪشن ڪاميٽي 24 ڪلاڪن واري بک هڙتال شروع ڪري ڇڏي

سنڌ جا وسيلا وفاق حوالي ڪرڻ ۽ ايم اين اي عبدالقادر مندوخيل پاران نوان صوبا ٺاهڻ ۽ ٻين مسئلن خلاف بک هڙتال ڪئي وئي

پ پ هميشه اقتدار جي حوس ۾ سودي بازي ڪئي آهي ۽ سنڌين ڪان حق حاڪميت جو حق ڪنسيو ويو آهي: سيد زين شاهه

پي ڊي ايم ۽ پ پ گڏجاڻي جوڙ سان نوان صوبا ٺاهڻ جي لاءِ پاليماني ڪميٽي ٺاهڻ جو مقصد سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جي سازش آهي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي پيپلزپارٽي جي طرفان سنڌ اسيمبلي ۾ آرٽيڪل 144 ۽ 147 . جي ذريعي سنڌ جا وسيلا وفاق حوالي ڪرڻ ۽ ايم اين اي عبدالقادر مندوخيل پاران نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ آئين ۾ ترميم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي ۾ سنڌ ايڪشن ڪاميٽي 24 ڪلاڪن واري بک هڙتال جو ڏيک

راڻيپور ۾ گئس جي هڙرادو لوڊشيڊنگ. ڪاٿيون اڻ لپ ٿي ويون

راڻيپور(رپورٽر) راڻيپور ۾ گئس جي هڙرادو لوڊشيڊنگ صارفين پريشان علائقي ۾ ڪاٿيون اڻ لپ ٿي ويون وارڊ 3 جو عوام پريشاني ۾ جڪڙجي ريو چوهاڻ برادري ،گلال برادري ،لاشاري برادري ، چاهڙا برادري ،شيخ برادري ،مغيري برادري تماچي برادري جي ماڻهن سنڌ پريس ڪلب جي صحافين کي ٻڌايو ته گيس جي هڙرادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو: ڊاڪٽر عصمت جي خودڪشي وارو معامرو، عدالت جوابدار کي سزا ٻڌائي ڇڏي

جوابدار ديت جي رقم 43 لک 18 هزار 5 سئو 24 روپيه ادا ڪرڻ تائين جيل ۾ هوندو: ايڊيشنل سيشن جج

ڪيس ۾ نامزد شمن سولنگي جي گهرواري نعيم سولنگي مٿان ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي ڪيس بري ڪيو ويو

هڪ سال اڳ ڊاڪٽر عصمت ڏياءُ ۽ بليڪ ميلنگ کان تنگ اچي پاڻ مٿان فائر ڪري خودڪشي ڪئي هئي

دادو(ن سنڌيار) بليڪ ميلنگ کان تنگ اچي خودڪشي ڪندڙ ميڊيڪل جي شاگردياڻي ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو ۾ ڊاڪٽرياڻي پروين رند جي علامتي بک هڙتالي ڪئمپ تي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او پهتا

6 ڏينهن کان سخت سردي ۾ ڏينهن رات خاندان سميت بکون ڪاٽي رهي آهيان : ڊاڪٽرياڻي پروين رند

چا اوهان جي نياڻي روڊن تي احتجاج ڪري ها ۽ اوهان گهر ۾ آرام ڪيو ها مون کي ٻڌايو؟ ڪير ٻڌڻ وارو ناهي

سڏ پنڌ تي پوليس آهي 6 ڏينهن بعد اچي اوهان اهو پيا چئو ته درخواست داخل ڪيو پوءِ جاچ ڪنداسين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي)دادو پريس ڪلب آڏو نوابشاهه پيپلز ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردياڻي ڊاڪٽرياڻي پروين رند جي علامتي بک هڙتال تي ڊي ايس پي ستي عبدالخالق وگڻ ۽ ايس ايڇ او بي سيڪشن غلام حيدر چانڊيو ٻهتس پروين رند جو ڊي ايس پي ستي آڏو سخت احتجاج ڪيو، 6 ڏينهن کان سخت سردي ۾ ڏينهن رات خاندان سميت بکون ڪاٽي رهي آهيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو: پريس ڪلب آڏو ڊاڪٽر پروين رند جي علامتي بک هڙتالي ڪئمپ تي ڊي ايس پي ستي پهتل آهي

سيٺارجا ۾ چوريون، ڦرون ۽ ڌاڙا روز جو معمول بڻيل، پوليس خاموش، سرڪاري ٽيوب ويل جو لڳل 200 ڪي وي وارو ٽرانسفارمر نامعلوم چور کڻي ويا

سيٺارجا(رپورٽر)سال 2023 اينڊي ئي سيٺارجا ۾ چوريون، ڦرون، ڌاڙا روز جو معمول بڻيل، شهري ۽ ڳوٺاڻا غير محفوظ. هر روز نئين وارداتن، گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ 10 کان وڌيڪ وارداتون. ايس ايڇ او سيٺارجا هائوس تائين محدود. تفصيلي خبر موجب سيٺارجا شهر ۾ گذريل رات سرڪاري ٽيوب ويل جو لڳل 200 ڪي وي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپنين جي نا انصافين خلاف احتجاجي مظاهرو

مختلف ڳوٺن ڪاريو غلام شاهه. آڏيجوٽڙ. پاويجوٽڙ ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين پاران احتجاج ڪيو ويو

مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪري ڌارين کي ڀرتي ڪيو پيو وڃي، ڪير واهر ڪرڻ وارو ناهي: مظاهرين

ٺيڪيدار اڪثر ٻاهر جا آهن جيڪي هاڻي ته مزدور به پنهنجي من پسند ماڻهن کي رکي رهيا آهن

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) ٽرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپنين جون مقامي ماڻهن سان ناانصافيون. روزگار ۾ نظرانداز ڪري ڌارين جي ڀرتين خلاف ڳوٺاڻن جو مين گيٽ ڌرڻو سخت نعريبازي. خبرموجب: ٽرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپنين جي ناانصافين خلاف مختلف ڳوٺن جي رهواسين بلاڪ ون جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ڪمپنين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي-ملير ٽينٽ سٽي جي برسات متاثرن کي سهولتن نه ملڻ خلاف خلاف مظاهرو

ايس ٽي پي اڳواڻ شيرجان ڪوسو برسات متاثرن شاهنواز ڪوسو الهوسايو رياض ٻبر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

برسات سبب اسان جا گهر ڪري ڊهي پٽ پئجي ويا جانيون بچائي اسان ڪراچي پهتا آهيون: مظاهرين

سنڌ سرڪار اسان کي لاوارث ۽ نندڙڪو ڪري ڇڏيو ويو آهي، اسان جي ڪابه سار نه لڌي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي ملير ٽينٽ سٽي جي برسات متاثرن طرفان ٽينٽ سٽي مان زبردستي اٿارڻ ۽ سهولتن جي کوٽ خلاف متاثرن طرفان عورتن ۽ ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ايس ٽي پي اڳواڻ شير جان ڪوسو برسات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي_ملير ٽينٽ سٽي جي برسات متاثرن کي سهولتن نه ملڻ خلاف خلاف مظاهرو ڪيو ويو

دادو ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي چونڊ ٿي گذري ضلعي صدر منير احمد عباسي، جنرل سيڪريٽري غلام نبي ميمڻ مقرر

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 پاران ضلعي صدر خليفه منير احمد عباسي، جنرل سيڪريٽري غلام نبي ميمڻ، جوائنٽ سيڪريٽري عبدالاحد لغاري، پريس سيڪريٽري هوش محمد جنا، فنانس سيڪريٽري عبدالغفار ملاح، آڊيٽر غلام رسول وگهيو، آفيس سيڪريٽري آفتاب احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين قاضيه واهه جي ديوار ناقص مٽيريل جي استعمال سبب ڪري پئي

تعميرات ۾ سيمينٽ جو ريشو گهٽ ۽ اسٽيميٽ مطابق جاٽايل سرون استعمال نه ڪيون ويو

هاءِ وي ۾ هلندڙ ڪرپشن جو نوٽيس وٺي ملوث خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: سڄاڻ ڌريون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ناقص مٽيريل سان ٺهندڙ قاضيه واهه جون ديوارون ٻيهر ڪري پيون تفصيل موجب بدين شهر مان گذرندڙ قاضيا واهه جا ٻنهي پاسن جا ڪپر ختم ٿي وڃڻ ڪري پسگردائي جي آبادين جي ٻڏڻ جي خطري کي مد نظر رکندي سنڌ حڪومت طرفان قاضيا واهه جي ٻنهي پاسن کان پڪيون ديوارون ڏيڻي شهري آبادي کي بچائڻ لاءِ هائي ويز کاتي بدين ذريعي ڪروڙين روپين جي لاڳت سان ديوارن جو تعمير جو ڪم شروع ڪرايو جنهن جو ٺيڪو هڪ بااثر ٺيڪدار کي ڏنو ويو آهي هن ڪم کي چارسالن کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي ديوارن جو ڪم مڪمل نٿو ٿئي ڪجهه ديوارن جي تعمير ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪرڻ سبب ڪجهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز پوليس جون ڌوهارين خلاف ڪارروايون، روپوشن سميت 5 جوابدار سوگها

پوليس ڪارروائي دوران غير قانوني هٿيار، چرس، نقصانڪار گٽڪو ۽ 02 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون

پوليس قتل ڪيس ۾ گرفتار ٻن جوابدارن وٽان قتل واقعي استعمال ٿيل غير قانوني هٿيار هٿ ڪري ورتا

جوابدار رشيد گانگهرو جي قبضي مان هڪ پستول (30 بور) ۽ 03 رائونڊ هٿ ڪيا ويا. ڪيس داخل. جاچ شروع

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي جي خاص هدايتن تي ڌوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن. روپوشن سميت 05 جوابدار گرفتار. غير قانوني هٿيار، چرس، نقصانڪار گٽڪو ۽ 02 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون محرابپور ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي دوران قتل ڪيس ۾ گرفتار ٻن جوابدارن وٽان (قتل) واقعي ۾ استعمال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز پوليس جون ڌوهارين خلاف ڪارروايون، روپوشن سميت 5 جوابدار سوگها ڪيا ويا

نوشهروفيروز ۾ پيار پرڻو ڪندڙ جوڙي تحفظ جي اپيل جي ڪري ڇڏي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز جي پريمي جوڙي گهران نڪري ڪورٽ سڪوري ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو تحفظ جي اپيل نوشهروفيروز جي ڳوٺ طالب سولنگي جي ناري نظيران سولنگي پنهنجي جي مايت ناٿو شاهه درگاهه واسي منان سولنگي سان ڪورٽ سڪوري ۾ پيارجو پرڻو ڪري ڇڏيو ناري جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

مانجهند پرسان ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، 10 ڄڻا زخمي

تڪراري فتح ڪوئلا ڪمپني ۾ ڪوئلي جي زمين جي مالڪي تان ڪوسا برادري ۾ جهيڙو ٿي پيو

هڪ ڪلاڪ تائين ڌرين هڪ ٻئي مٿان حملو ڪري هڪٻئي جا 10 ڄڻا زخمي ڪري وڌا

جهيڙي جي زخمين کي اسپتال داخل ڪيو ويو، جهيڙي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان ڪوئلي جي زمين جي مالڪي تان ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ڪهاڙين لٺيون سروٽا لڳڻ سبب 10 ڄڻا زخمي هوائي فائرنگ جي ڏي وٺ هڪ ڄڻو گرفتار تفصيل موجب مانجهند پرسان تڪراري فتح ڪوئلا ڪمپني ۾ ڪوئلي جي زمين جي مالڪي تان ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ هڪ ڪلاڪ تائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سنڌ جا محبتي ماڻهو بيبي فاطمه زهرا سان عقيدت رکن ٿا: علامه شهنشاهه نقوي

بيبي سائڻ حضرت فاطمه زهرا ع اها پاڪيزه هستي هئي جنهن جي گهر ۾ قرآن نازل ٿيو

فرشتا چڪيون هلائيندا هئا ۽ ڪائنات جو نبي به بنان اجازت گهر ۾ داخل نه ٿيندو هو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم ان وقت به الله جا نبي هئا جڏهن حضرت آدم عليه سلام اڃان مٽي ۽ پاڻي جي وچ ۾ هئا ۽ الله قرآن ۾ فرمايو آهي ته منهنجو رسول توهانکي جيڪو ڪجهه ڏي اهو حاصل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو ۾ ماهوار جلسه يارهين شريف جو پروگرام منعقد

عبدالڪريم جمالي، نظام الدين چنه، عبدالقادر ممتاز لانگاهه ۽ ٻين جي شرڪت

پنهنجي دل جي ڌڙڪنن سان هر وقت الله پاڪ جو ذڪر ڪيو : عالم

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان اسلام دادو طرفان آستانه دادو تي ماهانه جلسه يارهين شريف جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت امير دادو ڪامران ملڪ ڪئي پروگرام ۾ خصوصي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو ۾ ماهوار جلسه يارهين شريف جو پروگرام جو ڏيک

ٽالپر وڏا ۾ شيخ برادري ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو، 5 ڄڻا زخمي

ٻنهي ڌرين جي هڪ ٻئي مٿان اين سي داخل، علاج لاءِ اسپتال منتقل

پوليس ٻنهي ڌرين جي هڪٻئي مٿان اين سي داخل ڪري ورتي

سيٺارجا(الطاف حسين پتو) سيٺارجا پرسان ٽالپر وڏا ۾ شيخ برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو، ٻنهي ڌرين جي هڪ عورت چار مردن سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊوباگو ۾ سرڪاري سستي اگهه تي اٽي جي آيل گاڏي تي عوام جي پيهه

پوليس جي لٺ بازي ۾ خليفو قاسم جي رهواسي آسن ربياري جو مٿو ڦاٽي پيو

پوليس جي لٺ بازي جو نوٽيس وٺي مٿن قانوني قدم کنيو وڃي: سڄاڻ ڌريون

ٽنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) ٽنڊوباگو ۾ سرڪاري سستي اگهه تي اٽي جي آيل گاڏي تي عوام جي پيهه ٿيڻ تي پوليس جي لٺ بازي ۾ خليفو قاسم جي رهواسي آسن ربياري جو مٿو ڦاٽي پيو جنهن کي هورت ۾ ڳاڙهو ٿي پيو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪڏاپ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگرهه ملهائي وئي

شهيد ذوالفقار ڀٽو ملڪ جو عظيم اڳواڻ هو جنهن پاڪستان کي ايٽمي قوت بڻايو: اڳواڻ

ملڪ اندر صنعتي انقلاب آندو اهڙي عظيم ليڊر کي صدين تائين ياد رکيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر)شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگرهه ڪڏاپ جي علائقي احسن آباد پرسان ريمبو سينٽر ۾ ضلع شرقي جي اڳوڻي جنرل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪڏاپ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگرهه ملهائي وئي

ٺٽي ۾ پوليس جون ڪارروايون، چوري ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار

پوليس موٽر سائيڪل چوري جي ڪيس ۾ ملوث 2 مرڪزي جوابدارن کي گرفتار ڪيو

گرفتار جوابدارن ٺٽو ۽ مڪلي ۾ وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف به ڪيو آهي: پوليس

ٺٽو(جاويد ميمڻ)ايس ايس پي ٺٽو عديل حسن چانڊيو جي سخت هدايتن تي ايس ايڇ او ٺاڻو مڪلي انسپيڪٽر حاڪم علي ڪوسو ۽ اي ايس آئي فرمان علي ڀٽو بمع اسٽاف دوران گشت خفيه اطلاع ملڻ تي مڪلي کان جنگشاهي لنڪ روڊ گرڊ اسٽيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو ۾ دعوت اسلامي سنڌ جي اڳواڻن جي پريس ڪلب آمد، استقبال

دعوت اسلامي دين اسلام کي دنيا ۾ عام ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي: زوار عطاري

دعوت اسلامي هڪ سئو کان وڌيڪ پليٽ فارمن تان پنهنجي اسلامي ڀائرن لاءِ خدمتون ڪري پئي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ دعوت اسلامي صوبا سنڌ جي اڳواڻن جي پريس ڪلب دادو آمد ٿي.تفصيل موجب دادو پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته دعوت اسلامي پاڪستان جي صوبي سنڌ ۽ محمود قادري ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو ۾ دعوت اسلامي سنڌ جي اڳواڻن جي پريس ڪلب آمد دوران فوٽو

ٺٽي ۾ ڪرپشن جي خاتمي بابت تقريري ۽ ڊرائنگ مقابلا ڪرايا ويا

دڪاندار ماپ ۾ ڪرپشن ڪري ٿو، ڪير وڪرو ڪندڙ کير ۾ پاڻي ملائي ڪرپشن ڪري ٿو: مقرر

جديد دور ۾ اها صورتحال دنيا جي لڳ ڀڳ هر ملڪ لاءِ ناقابل برداشت ٿي چڪي آهي

ٺٽو(جاويد ميمڻ) پاڪستان ۾ اينٽي ڪرپشن آگاهي مهم نيب پاڪستان جي خاص هدايتن تي گورنمينٽ بوائز ڪيمپس اسڪول مڪلي ۾ ڪرپشن جي خاتمي بابت تقريري ۽ ڊرائنگ مقابلا ڪرايا ويا. دڪاندار ماپ ۾ ڪرپشن ڪري ٿو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ميرپورساڪرو پرسان ٻن گروپن ۾ جهيڙو، 7 ڄڻا زخمي

درگاهه شيخ ٽالو جي ميلي ۾ ٻن گروپن ۾ جهيڙو ٿي پيو، زخمي اسپتال منتقل

زخمين ۾ پيارو، محمدانور، غلام نبي سميت ڪجهه ٻين زخمين جا نالا شامل

ٺٽو(بيورو رپورٽ)ميرپورساڪرو ويجهو درگاهه شيخ ٽالو جي ميلي ۾ ٻن گروپن ۾ جهيڙو، نتيجي ۾ 7 ڄڻا زخمي. ميرپورساڪرو ويجهو درگاهه شيخ ٽالو جي ميلي ۾ ٻن گروپن ۾ جهيڙي جي نتيجي 7 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي: فقيرا ڳوٺ ۾ ويڳي پيءُ پاران پنهنجي ڌيءُ سان زيادتي جو انڪشاف

نياڻي پنهنجي ماءُ سان گڏ ٿاڻي تي پهچي وحشي پيءُ کي گرفتار ڪرائي ڇڏيو

منهنجي ويڳو پيءُ ارشاد ڪلهوڙو مون سان زبردستي زيادتي ڪندو هو: ناري

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر)سائٽ سپر هائيوي پوليس ٿاڻي جي حد فقيرا ڳوٺ ۾ پيءُ پنهنجي ڌيءُ زيادتي ڪندي حامله بڻائي ڇڏيس نياڻي پنهنجي ماءُ سان گڏ ٿاڻي تي پهچي وحشي پيءُ کي گرفتار ڪرائي ڇڏيس جوابدار ڏوهه جو اعتراف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي: فقيرا ڳوٺ ۾ پيءُ هٿان ڏاڍائي جو نشانو بڻيل نياڻي، ٻئي طرف گرفتار ٿيل ظلم پيءُ.

ملڪي سياست ۾ عمران خان ناڪام سياستدان ثابت ٿي ويو آهي: سيد نويد قمر

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي هاڻي اهو خواب نه ڏسڻ گهرجي ته هو وري ٻيهر عوام جي ووٽن سان وزيراعظم بڻجي سگهي ٿو

حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪندي، ملڪ جي اندر ڪا به ٽيڪنوڪريٽ حڪومت ٺاهڻ لاءِ ڪا به تجويز پيش نه ڪئي وئي آهي

ٽيڪنوڪريٽ حڪومت جي ڳالهه ڪندڙ پاڻ ٽيڪنوڪريٽ آهن. سليڪٽيڊ وارو طريقيڪار نه پهرين ڪامياب نه ٿيو نه وري هاڻي ٿيندو

ٽنڊو محمد خان(ٻر مظفر علي بروهي) تجارت واري وفاقي وزير سيد نويد قمر چيو آهي ته ملڪي سياست ۾ عمران خان ناڪام سياستدان ثابت ٿي ويو آهي . سنڌس پيش ڪيل اڳڪٿيون غلط ثابت ٿيون آهن اهڙو اظهار هن ٽنڊو محمد خان جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو محمد خان : وفاقي وزير تجارت سيد نويد قمر سومرا هائوس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي

وارهه تعلقه پريس ڪلب جو اهم اجلاس منعقد، اجلاس ۾ پريس ڪلب جي آفيس جي افتتاح لاءِ عمل جوڙيو ويو

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) تعلقه پريس ڪلب وارهه جو اهم اجلاس سينيئر صحافي طالب حسين چانڊيو ۽ فقير بشير لطيفي جي اڳواڻي ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ تعلقه پريس ڪلب وارهه جي آفيس جي افتتاح لاءِ لاءِ عمل جوڙيو ويو، هلندڙ مهيني جنوري ۾ آفيس جو افتتاح سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن سميت شهر جي معززين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

غريب عوام اڄ به اٽو 150 روپيه ڪلو وٺڻ تي مجبور آهي: زاهد جسڪاڻي

سنڌ حڪومت پنهنجي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن تي به عمل درآمد نٿي ڪرائي سگهي

سنڌ جي ڏتڙيل غريب مسڪين عوام کان ٻن ويلن جو ماني گرهه به کسيو ويو آهي

ٽنڊو محمد خان(ٻر مظفر علي بروهي) جيئي سنڌ محاذ جي صدر زاهد جسڪاڻي ايوب ڪوريجو اصغر نونٽاري مختيار خاصخيلي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت طرفان اٽي جو اگهه 65 روپيه في ڪلو مقرر ڪيو ويو جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو مگر افسوس جو غريب عوام اڄ به اٽو 150 روپيه ڪلو وٺڻ تي مجبور آهي سنڌ حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪڏاپ ۾ هيلپنگ هينڊز پاران سيلاب متاثرين ۾ مفت راشن ۽ ٻيو سامان تقسيم

جماڻي ڳوٺ ۾ هيلپنگ هينڊ جي طرفان 300 سيلاب متاثرين ۾ مفت راشن تقسيم ڪيو ويو

غريبن جي مدد ڪرڻ سان دل کي سڪون ملي ٿو، انسانيت جو حق ادا ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو: مقرر

ڪراچي(رپورٽر) ملير جي علائقي ڪڏاپ ۾ هيلپنگ هينڊز جي طرفان سومار برڪت اسماعيل جوکيو غلام رسول خاصخيلي بختيار بروهي جي محنت سان پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سيلاب متاثرين ۾ مفت راشن ۽ ٻيو سامان تقسيم ڪيو ويو ملير ڪڏاپ جماڻي ڳوٺ ۾ هيلپنگ هينڊ جي طرفان 300 سيلاب متاثرين ۾ مفت راشن تقسيم ڪيو ويو پروگرام ۾ هيلپنگ هينڊز اين جيوز جي محمد عديل اڪرم ريجنل ڪوآرڊينيٽر رانا محمد مبين پنهنجي هٿن سان ٿي سئو ماڻهن ۾ مفت راشن تقسيم ڪيو سيلاب متاثرين ۾ خوشي جي لهر پيدا ٿي وئي خوشي سان دعائون ڏنيون ان موقعي تي هيلپنگ هينڊز جي اڳواڻن ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سيٺارجا پرسان ذاڪر حسين ڪبر لاڏاڻو ڪري ويو، سندس پڳ پٽ کي ٻڌرائي وئي

سيٺارجا (رپورٽر) ڪجهه ڏينهن اڳ سيٺارجا پرسان ڳوٺ محمد صادق ڪبر ۾ ورڪر يونين اسڪارپ ٽيوب ويل ڊويزن راڻيپور ذاڪر حسين ڪبر هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي پڳ سندس پٽ النجابو عرف مبشر ڪبر کي ٻڌرائي وئي جڏهن ته پڳ رسم ۾ وڏيرو محمد صادق ڪبر، پ پ پ ڪائونسلر ڊاڪٽر احمد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سيٺارجا پرسان ذاڪر حسين ڪبر لاڏاڻو ڪري ويو سندس پڳ پٽ کي ٻڌرائي وئي

اسلام ڪوٽ ۾ باهه متاثرن جي ساهتا نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

هن وقت سخت سردي ۾ اسين کلي آسمان هيٺ ٻچن کي وٺي ويٺا آهيون: متاثر

اسان جي نوان گهر ٺهرائڻ ۾ ساهتا ڪئي وڃي جيئن ٻچن کي سردي کان بچائي سگهون

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) باهه متاثرن جي ساهتا نه ٿيڻ خلاف متاثرن جو ٻارن ٻچن سميت احتجاج. ساهتا جي گهرانهي سلسلي ۾ اسلام ڪوٽ جي ڪولهي پاڙي جي ڪولهي برادري جي ماڻهن راجو ڪولهي، دليپ، گجيو، پلجي، شهديو، رميش، شنڪر، عورتن رائي، تانجا، سندر، ڏرمي، ميٺي ۽ ٻين ٻارن ٻچن سان گڏ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڳالهائيندي چيو ته مهينو اڳ اسان جا 12 گهر اوچتو باهه لڳڻ سبب سڙي رک ٿي ويا هئا ۽ گهرن ۾ رکيل سمورو الهه تلهه به سڙي ويو هو جنهن بعد سرڪار اسان جي ڪا واهر نه ڪئي، انتظاميه صرف ڪجهه ٽينٽ ڏيئي رواني ٿي وئي. هن وقت سخت سردي ۾ اسين کلي آسمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽي ۾ ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد جي صدارت هيٺ مڪاني چونڊن بابت اجلاس

ڊپٽي ڪمشنر ۽ ضلعي مانيٽرنگ آفيسر غضنفر علي قادري، ضلعي رٽرننگ آفيسر ۽ ٻين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

فرسٽ ايڊ ۽ ايمبولينسز، ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ضروري دوائن جي موجودگيءَ کي به يقيني بڻايو وڃي: ڪمشنر

سمورا عملدار ڪاتن جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائي عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪن

ٺٽو(رپورٽ: جاويد ميمڻ) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ جي صدارت هيٺ مڪاني چونڊن جي تيارين، سڪيورٽي، زمينن جي حاصلات جي مسئلن، برساتي پاڻي نيڪال، ٻوڏ دوران رليف جي سرگرمين، وزيراعليٰ سنڌ، چيف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽو: ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

سنجهورو: غريب هندو نياڻي ديا پيل جو قاتل هندو ڌرم جو پوپو روپو پيل نڪتو

سنجهورو (رپورٽر) هن غريب هندو نياڻي ديا پيل جو قاتل هندو ڌرم جو پوپو روپو پيل نڪتو ڪجهه ڏينهن اڳ ڪاڻي هندو ڌرم جي ماڻهن مسلمانن جي خلاف لکي رهيا هئا هندستان ۾ وڏو شور هو انهن کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته هن غريب جي خون سان انصاف ضرور ٿيندو ڪجهه هندو سوشل ورڪرن لکيو هو ته وڏيرا ۽ انهن جا وانا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ناروشاهه ۾ خانگي ڪمپني جي ملازمن تي هٿيار بندن پاران ڦر، تشدد

جوابدار هٿيارن جي زور تي تشدد جو نشانو بڻائي ڏيڍ لک روپيا روڪ موبائيل فونو ڦري ويا

اسان غريب آهيون ڦر ٿيل ڪمپني جا پيسا واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي: ملازم

ناروشاهه(رپورٽر راشد علي ميمڻ) ناروشاهه پورٽي روڊ تي ڏينهن ڏٺي جو سگريٽ ايجنسي جي ملازمن کان هٿيار بندن جي ڦر ملازمن تي تشدد احتجاج. ناروشاهه پرسان پورٽي لنڪ روڊ تي سگريٽ ڪمپني جي ملازمن سعيد سولنگي سهيل چوهاڻ سگريٽن جي سپلاءِ لاءِ پورٽي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ چار هٿيار بندن سندن رستا روڪ ڪري هٿيارن جي زور تي تشدد جو نشانو بڻائي ڏيڍ لک روپيا روڪ موبائيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

راڻيپور ۾ ڌوهارين شهري جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

ڏينهن ڏٺي هٿيار بند ڪپڙي جي دڪاندار کان ڦر ڪري ويا، احتجاج

ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج وڌائبو: متاثر

راڻيپور(رپورٽر) راڻيپور ۾ ڪپڙي جي واپاري درين ڪمار کان نامعلوم ٿي هٿيار بند هٿيارن جي زور تي 10 هزار روڪ رقم موبائيل فون ۽ سي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪڏاپ ۾ رهواسين پاران ڪي اليڪٽرڪ آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي

مظاهرين ڪي اليڪٽرڪ انتظاميه خلاف نعريبازي مرڻ گهڙي تائين احتجاج جاري رکڻ جو ڄاڻ ڏئي ڇڏيو

ڪي اليڪٽرڪ انتقامي ڪاروائي تي لهي آئي آهي بجلي کان محروم جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي: مظاهرين

بجلي صرف سڄي ڏينهن ۾ به ڪلاڪ ڏني ٿي وڃي، بجلي نه هجڻ سبب ڪاروهنوار ٺپ ٿي ويو آهي، واهر ڪئي وڃي

ڪراچي(رپورٽر)ڪڏاپ جي بنديجه اسٽاپ رهواسين جو ڪي اليڪٽرڪ آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ ڪي اليڪٽرڪ انتظاميه خلاف نعريبازي مرڻ گهڙي تائين احتجاج جاري رهندو. منظور جوکيو تفصيل موجب ڪڏاپ جي بنديجه اسٽاپ رهواسين جو ڪي اليڪٽرڪ آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ ڪي اليڪٽرڪ انتظاميه خلاف نعريبازي مرڻ گهڙي تائين احتجاج جاري رکڻ جو ڄاڻاءُ ڪي اليڪٽرڪ جي ظلمن خلاف احتجاج ڪندڙ مظاهرين جي اڳواڻي ڪندڙ حاجي منظور جوکيو زبير احمد جوکيو حاجي رشيد جوکيو ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪڏاپ ۾ رهواسين پاران ڪي اليڪٽرڪ آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

گمبٽ ۾ شگر مل انتظاميه جي زيادتين خلاف احتجاج

اسان ڪرن شگر مل کي ڏهه هزار مڻ ڪمند ڏنو آهي: آبادگارن جون دانهون

اسان کي پنهنجا پورا پئسا ڏئي اسان جي بيچيني ختم ڪئي وڃي

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) گمبٽ ۾ شگر مل ڪيترن ئي آبادگارن جا ڪمند جا پئسا هڙپ ڪرڻ لڳي آبادگارن جا مٿي تي هٿ خبر موجب گمبٽ لڳ ڳوٺ دلبر ناريجو جي ناريجا برادري جي رهواسي آبادگارن جو ڪرن شگر ملز جي ناجائزن خلاف احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندڙ امير احمد ناريجو سعيد علي ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته اسان ڪرن شگر مل کي ڏهه هزار مڻ ڪمند ڏنو آهي ۽ به مهينا گذري ويا آهن مل مالڪ اسان کي پئيمينٽ ڏيڻ جي لاءِ تيار ناهي هن جو وڏيڪ چوڻ آهي ته ڪرن مل جو سرڪل آفيسر خالد آرائين ۽ سيڪٽر آفيسر وزير ناريجو اسان کي چون ٿا ته في مڻ 15 رپيا گهاٽي ڪٽرايو ته توهان کي پئسا ڏيو نت توهان کي هن سال پئيسا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
آچر 08 جنوري 2023ع

بدامني ۽ ڌاڙيل راڄ مان مستقل جان ڇٽي سگهندي؟

اسان جي حڪمراني يا انتظامي روش اها ٿي وئي آهي ته هر مسئلي جو حل ايڊهاڪ بنيادن تي ڳولڻ جا عادي ٿي ويا آهيون ڪڏهن به ڳوڙهو ويچار يا فيصلا ڪري انهن مسئلن جو مستقل حل ڪڍڻ جي ڪوشش نه ڪندا آهيون. جڏهن به ڪو مسئلو تمام گهڻو اڀري مٿي اچي ويندو آهي ته ڪي قدم کڻي ان کي وقتي طور دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهيون پر ان جا بنياد ختم نه ڪرڻ سبب اهي مسئلا بار بار سامهون ايندا رهندا آهن جنهن ڪري عوام ته ڀوڳيندو ئي رهندو آهي پر جيڪي جاني مالي يا انتظامي قربانيون ان مسئلي کي ختم ڪرڻ لاءِ خرچ ڪيون ويندون آهن اهي به بيڪار يا ضايع ٿي وينديون آهن هونئن ته ڪوڙ مسئلا آهن جن کي سنڌ جا ماڻهو منهن ڏئي رهيا آهن انهن ۾ تعليم کان وٺي صحت جي سهولتن جا مسئلا به آهن ڪٿي بهتري به ٿي آهي پر بدامني ۽ ڌاڙيل راڄ جڻ مستقل طور سنڌ جي عوام کي ڳچي ۾ پيل آهن جيڪي وقفي وقفي سان سدائين عوام کي پريشان ڪندا رهن ٿا.

سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني ۽ ڌاڙيلن جي ڪاررواين کي نظر ۾ رکي سنڌ حڪومت هڪ ڀيرو ٻيهر آپريشن جو فيصلو ڪيو آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ٿيل 28هين اپيڪس ڪاميٽي جي اجلاس ۾ آءِ جي سنڌ بريفنگ ڏيندي چيو ته اسٽريٽ ڪرائيم ۾ 15 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. آءِ جي سنڌ صوبي جي ڪچي ۾ ڌوهن جي صورتحال بابت بريفنگ ڏيندي چيو ته ڪچي وارا علائقا ڌاڙيلن لاءِ روايتي محفوظ پناهه گاهه بڻيل آهن. ڌاڙيل سنڌو درياءَ جي ننڍن ٻيٽن ۾ لڪي ويٺل آهن جتي پوليس پهچي نٿي سگهي. ڌاڙيل اهي پناهگاهون پاڻ کي لڪائڻ ۽ يرغمالين کي رکڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. اغوا وارن واقعن ۾ پوليس تي دٻاءُ هوندو آهي. يرغمالي جي آزاديءَ لاءِ ڌاڙيلن سان ڳالهيون ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن. جنهن ڪري ڌاڙيلن جو حوصلو وڌي ٿو ۽ ڌوهن ۾ به واڌ ٿي رهي آهي. جنهن تي سنڌ جي وڏي وزير آءِ جي کي هدايت ڪئي ته هو پنجاب ۽ بلوچستان جي آءِ جيز سان اجلاس ڪري ڌاڙيلن خلاف منظم آپريشن شروع ڪرڻ لاءِ تفصيلي ايڪشن پلان تيار ڪري. اجلاس ۾ شريڪ ڪور ڪمانڊر چيو ته ڌاڙيلن خلاف آپريشن ۾ پاڪ فوج ۽ رينجرز به پوليس جي مدد ڪندي. اهڙا آپريشن ۽ فيصلا اڳ به ڪيا ويا آهن ۽ انهن جا بهتر عارضي نتيجا به نڪتا آهن ته ڪجهه وقت لاءِ ٺاپر ٿي ويندي آهي جنهن جو مثال سنڌ جي گادي وارو هنڌ ڪراچي ۽ اتر سنڌ جا ڪجهه شهر ۽ ڪچي جو علائقو آهي جتي اسٽريٽ ڪرائيم ۽ ڌاڙيلن جون ڪارروايون چوٽ چڙهيل هونديون هيون پر آپريشن جي ڪري اتي ڪجهه ماٺار ٿي پر اصل ڪم جيڪو آپريشن کانپوءِ جو هوندو آهي ان تي ڌيان نه ڏنو ويو مطلب ته ڌوهن جي سبب ۽ ڌوهارين جي پشت پناهي جي خاتمي لاءِ ڪي قدم نه کنيا ويا جنهن ڪري ڪجهه وقت جي ماٺار کانپوءِ اهي نرسريون ٻيهر ڪم ڪرڻ لڳيون جيئن هاڻي ٿي رهيو آهي؛ ڌوهن جي خاتمي لاءِ جيڪا محنت ڪئي وڃي ٿي اها چڻ ته ڪجهه وقت کانپوءِ زيان ٿي وڃي ٿي.

اسان سمجهون ٿا ته ڌوهن ۽ ڌوهارين جي خاتمي لاءِ آپريشن جو فيصلو بهتر آهي انهي مان هڪ ڳالهه ته ثابت ٿئي ٿي ته حڪومت امن امان واري ذميواري کان غافل ناهي. پر اصل مسئلو اهو آهي ته اهڙيون ڪي پاليسيون چو نه ٿيون جوڙيون وڃن جن سان انهن ڌوهارين جي بار بار پيدا ٿيڻ جا بنياد ئي ختم ٿي وڃن ڪچي ۾ ڌاڙيلن تائين هٿيار ڪيئن پهچي رهيا آهن اهي وسيلاءِ ذريعا ڇو ختم نه ٿا ٿين انهن جي کهڙا ماڻهو پنڀرائي ڪن ٿا. انهن کي ملندڙ اها مدد ڇو ختم نه ٿي ٿي سگهي جيڪا پوليس فورس ۾ موجود ڪجهه اهلڪار به ڪري رهيا آهن ته ڪجهه سياسي اڳواڻ مقامي ڀوتار ۽ چونڊيل نمائندا به ڪن ٿا. جيڪڏهن حڪومت ڌوهن مان مستقل جان ڇڏائڻ چاهي ٿي ته ڌوهن جي سببن کي ختم ڪرڻو پوندو رڳو ڌوهارين جي خاتمي سان ڪجهه ڏينهن جي ٺاپر ته ٿي سگهي ٿي پر بنياد موجود هجڻ سان اهي ڌوهه ٻيهر شروع ٿي ٿا وڃن.

رياست جي حاڪميت بحال ڪرڻي پوندي

پروفيسر محمد صديق انڙ

ملڪ پاڪستان جيڪو آبادي جي لحاظ سان دنيا جو پنجون، فوجي طاقت يا Power Index جي لحاظ سان ستون GDP جي حوالي سان 23 نمبر تي آهي اهو هن وقت تاريخ جي بدترين معاشي بحران، خطرناڪ سلامتي جي خدشن ۽ چڙواڳ سياسي هيجان جو شڪار آهي. رياست کي استحڪام ۽ سلامتي بخشيندڙ مک ادارا پارليامينٽ، عدليه، انتظاميه توڙي دفاعي شعبو تمام وڏيڪ اختلافن ۾ ملوث ٿي اختلافي بنجڻ سبب پنهنجي طاقت ۽ غير جانبدارانه ڪردار توڙي پروسوَوجائي ويٺا آهن جديد رياست ڪيترو به ڪٿي پاڻ کي مهذب چورائيندي هجي پر سندس وجود برقرار رکڻ لاءِ آخري هٿيار رياستي مطلق طاقت يعني اقتدار اعليٰ هوندو آهي جنهن جي زور تي ڪيس طاقت جي استعمال ۾ هڪ هٽي يا Monopoly حاصل هوندي آهي.

رياستي ادارن جو سياسي عمل ۾ ملوث ٿي ڪنهن مهل هڪ جماعت ته ڪڏهن وري ڪنهن ٻي جو سهولتڪار ٿيڻ سان هڪ ته سياسي ڍانچو پنهنجي شڪل صورت بدلائيندو رهيو ٻيو ته هميشه ناپائيدار رهي ڪا هڪ سجائب قائم ڪرڻ ۾ به ناڪام رهيو آهي. ڳالهه ته ڳري آهي پر مڃڻ گهرجي ته شايد هڪ قوم بنجڻ ۾ پڻ ڪاميابي نه ٿي سگهي. ان جو سبب سيني کي خبر آهي ته وفاق جي رضاڪارانه اتحاد ۾ شامل ايڪن جي ڏار ڏار سڃاڻپ کي مڃوتي ڏيڻ انهن قومين ۽ سندن زبانن کي هڪ ٿي قوم جي پرجوش "قومي" جذبي ۾ پوئڻ ۾ ناڪامي ٿي آهي. بنگالين، پنجابين، سنڌين، پشتونن، بلوچن ۽ سرائڪين کي مڃائڻ جي زبردستي ڪوشش ڪئي ويئي ته سندن قومي ٻولي صرف وچان ٿي امپورٽيڊ ڪيل زبان هوندي. ان ۾ ڪو هرج نه هجي ها جيڪڏهن امڙ جي ٻولين کي مناسب مقام مليو هجي ها. حاوي مسلم آبادي جي مسلمانن جي مذهب تي معمول مطابق عمل ڪندي ڪو به خطرو نه هجي ها پر جڏهن مذهب کي رياست ۽ آئين جو طابع بنائي مخصوص برانڊ بنائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ويئي ته سڄو سماج، سڄو ملڪ مذهبي فرقه پرستي جي ور چڙهي ويو هن وقت پاڪستان جي سڌي سادي مسلمان کي سڀ کان وڌيڪ خطرو فرقه پرست ۽ جنوني "مسلمان" منجهان آهي. اسلام سعودي عرب کان ٿيندي سڄي دنيا ۾ پکڙي ته ويو پر فرقه پرستي، خلفاءِ راشدين جي پوئين دؤر کان وٺي سيني خليجي ملڪن ۽ مصر مان ٿيندي روز نون نظرين ۽ فرقن جو روپ اختيار ڪري ويئي. هاڻي مذهب کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ سبب مسلمان مسلمان جو ويري ٿي ويو آهي. هن خطي ۾ اسان پاڻ نه فرقه پرست هٿاسين نه وري جنوني قاتل!

اڄ اسان جي رياست، سياست، مذهب، معاشرت ۽ معيشت سڀ پويان پساهه پيا کڻن. معاملو ايترو گنڀير ٿي ويو آهي ته افغان طالبان جي ڪابل تي قبضو ڪرڻ وقت اسان جو وزير اعظم، جنهن کي اڄ به طالبان خان سڏجڻ تي خوشي ٿيندي آهي، اهو ڪبڙن ۾ نٿي ماپيو ۽ ٽڪر ڪري اهڙا جذباتي بيان ڏئي ويو جو خود قابض قوت به ايتري خوشي جو اظهار نه ڪيو هو اڄ جڏهن اسان جي دفاعي فورسز جا سينئر ...

پنهنجي محسن ملڪ جي مک قيادت ڪندڙ ن ليگ ۽ پي پي کي ڌمڪائي رهيا آهن ته سندن راهه ۾ نه اچن ورنه نتيجا ... ته بيبي بينظير کان وٺي اي اين پي جي شهيدن ۽ آرمي پبلڪ اسڪول جي گلڙن جي وقت کان پهريائين مرجهائڻ جي مثالن کان مختلف نه هوندا. هٿي پاسي افغان طالبان آهن جن جو هن وقت سواءِ پاڪستان جي ڪو به ظاهري طرح بين الاقوامي سطح جو ڪيل ناهي. گهڻي ٿٺي افغان ٽرانزٽ ٽريڊ يا ATT به هن ملڪ ذريعي ٿي رهي آهي. تنهن هوندي به پنهنجي سرزمين تان پنهنجي جنگي سائين کي پناهه ڏئي، هٿيار فراهم ڪري ۽ ڪجهه اطلاعن مطابق افغان ويزا ڪاسائڻ موڪلي محسن ملڪ ۾ دهشتگردي ۾ شامل رهي به سرڪاري طرح اهڙا سخت بيان جاري ڪيا پيا وڃن ڇڻ ته دنيا جو واحد سپر پاور طالبان وارو بڪيو ۽ ننگو افغانستان هجي. اڄ به افغانن جو هڪ وڏو ٻي لغام انگ سڄي ملڪ ۾ ڪچري جي ڍيرن کان وٺي مهانگي ۽ غير قانوني ڪاروبار سميت هر هنڌ موجود آهي. هاڻي وري قادر خان مندوخيل بين لاءِ به ڊرميسائيل ذريعي رستو ڪولرائڻ چاهي ٿو ان جو مطلب ته اسان جي رياست کي پل ته پاڪستاني ۽ افغاني طالبان ٻاهران ويهي به دٻائين ۽ طالبان خان ملڪ ۾ رهي ڌمڪائين ۽ حڪومت ۽ رياست صرف اجلاس ڪري ۽ بيان ڏئي ليڪو پورو ڪندي وتي!؟ پوءِ رياستي Writ ڪيڏانهن وئي؟

ملڪ جي مالي حالت ايڏي ته ڪمزور ٿي ويئي آهي جو سون هڪ لک اسي/ نوي هزار في تولو ۽ ڊالر اڍائي سو کان وڌيڪ جو ٿي ڳوليو به نٿو لڀي. اسٽيٽ بينڪ وٽ هڪ مهيني جي امپورٽ جيتري رقم به ڪجهه ڏينهن ۾ نه هوندي. گئس گهرن، ڪارخانن ۽ بجلي گهرن کي ڏيڻ لاءِ موجود ناهي. امپورٽ ڪرڻ لاءِ ڊالر نه آهن. ٻيو ته نهيو ڪٽڪ سميت زرعي جنسون به سڃائي هوندي ٻاهران وٺڻيون ٿيون پون. رڳو رکي ماني کائڻ لاءِ به 140/150 رپيا في ڪلو اٽو وٺڻ لاءِ پئسا نه آهن. اگهن ۽ مارڪيٽ ميڪنزم تي ضابطو ناهي، ڪاروبار ويهي ويو آهي. بيروزگاري وڏي ويئي آهي. اهي حالتون ڇا ٿيون ٻڌائين؟ مفتاح اسماعيل ۽ اسحاق ڊار قوم جي ڪل لاهي هاڻي هڪ ٻئي سان حساب برابر ڪرڻ ۾ مصروف آهن. آءِ ايم ايف سيني جو ڏنل آهي. اهو سڄو واعدا ڪري پورا نه ڪرڻ جو نتيجو آهي. اڳ ۾ ملڪ ۽ معيشت Cowboy جي حوالي هئي ان به هن اداري کي ستايو ۽ ڊار صاحب به مولا جٽ ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پر بري طرح ناڪام ويو جتي مريم نواز جي ٽوئيٽ تي بجيٽ فيصلا واپس ٿي ننڍن ڪاروبارين کي رعايت ملندي هجي ۽ "سڃار خزانچي" تبديل ٿيندا هجن اتي رياستي رٽ جو ڇا ٿيندو؟

اڄڪلهه جي حالتن پٽاندر قومي سيڪيورٽي ڪميٽي پڻ ڏينهن جي مٿا ڪٽ کان پوءِ انتهائي دليرانه ته نه پر ڪجهه قدر فيصلا ڪيا جن ۾ دهشتگردي بابت زيرو ٽالرنس ڏيکارڻ ۽ معيشت توڙي توانائي بحران بابت ڪجهه فيصلا ڪرڻ به شامل هئا. پر ٿيو ڇا؟ ڪاروبارين چيو ته دڪان سوير ڪولڻ ۽ جلدي بند ڪرڻ تي هو عمل نه ڪندا. اها نافرماني هميشه رعايتون حاصل ڪندڙ ان طبقي ڪئي آهي ۽ پنهنجي ...

لاءِ استعمال ٿئي ٿو قومي سلامتي به اقتصادي آزادي سان مشروط آهي. خيرات تي پلجي گهڻو غيرتمند سڏائڻ مڙيوئي خالي ڊاڙ هرندي آهي. سياستدان جڏهن حڪومت ۾ اچي ٿو ته سيني ادارن کي قانون جو نه پر ذاتي غلام سمجهي طالبان خان بنجي وڃي ٿو وري نامراد ٿي پنهنجي محسن سابق چيف تي ڪيس قتل ڪرائي مارشلا لڳائڻ جهڙا الزام لڳائڻ کان به نٿو مڙي. عدالتي ۽ ادارتي فيصلن تي غليظ لفظن ۾ گند اڇلايو وڃي ٿو هر ممڪن ڪوشش ڪري فيصلن تي عمل نٿو ڪيو وڃي. ان عمل ۾ خود عدليه به پاڻ کي گهڻو ملوث ڪري ڇڏيو آهي ڇاڪاڻ ته ادارن ۾ موجود همدرد ڪردار ڊڄ ٿي ويهي رهن ٿا. اڄڪلهه ته ڇيهه ٿي ويو آهي. اليڪشن ڪميشن کي فارين فنڊنگ ڪيس جو فيصلو ڪرڻ ۾ بقول جاويد چوڌري جي ادارن جي خواهش تي اٺ سال لڳي ويا. بني گالا واري گهر جي چوري تعويذن ۽ جنن جي طاقت بدران ساڳيو صحافي لکي ٿو ته ٻن سابق چيفن جي سهڪار سبب ثابت ته نه ٿي رهندو چور کي چور بدران "صادق ۽ امين" قرار ڏنو ويو پوءِ اها چوري جي عادت توشه خاني واري اربن جي واچ کان وٺي قميص جي بٽڻن تائين پهچي وئي. ٽانگا پارٽي جي هڪ ڦيٿي وارو وزير اعليٰ اڪثريت وڃائڻ جي پڪ کان پوءِ آئين جي خلاف ورزي ڪندي چوي ٿو هاڻي هو گورنر جي ايڊوائس تي اعتماد جو ووٽ نه وٺندو ڇو ته گورنر جو حڪم ئي غير قانوني آهي. انهن حالتن ۾ رياستي رٽ ڪيئن قائم ٿيندي؟

